# ڏينهن رات ڪيئن گذاريون؟

**15-December-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

15 ڊسمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ڏينهن رات ڪيئن گذاريون؟

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... امام اعظم رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه جن جو ڏينهن رات جو شيڊيول(معمول)

✿... ڏينهن ۽ رات فنا جو پيغام ڏيندا آهن

✿... ڏينهن رات جو شيڊيول ڪيئن بڻايون...؟

✿... ڪَفن چور جي بخشش ڪيئن ٿي؟

✿...روزانو هي 4 ڪمَ بہ ڪريو!

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہ عَنْه کان روايت آهي تہ پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن صبح ۽ شام مون تي 10، 10 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.

(الترغيب والترهيب، ڪتاب: النوافل،صفحہ:223، حديث :19)

جس کے ماتھے شَفاعت کا سہرا رہا | اُس جَبینِ سَعادت پہ لاکھوں سلام

حدائقِ بخشش، صفحہ:300

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهرين سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثلاً نيت ڪيو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ پورو بيان ٻڌندس ❁ باادب ويهندس ❁ خوب توجه

[1]...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

سان بيان ڪندس ❁ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن جو ڏينهن رات جو جَدول (Schedule)

حضرت مِسْعَر بن ڪِدام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مسجد ۾ حاضر ٿيس، مون ڏٺو ته نمازِ فجر ادا ڪرڻ کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ماڻهن کي سڄو ڏينهن علمِ دين پڙهائيندا رهن پيا ، اُن دوران صرف نمازن جا وقفا (*Prayer Breaks*) ٿيا، عشاء جي نماز کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مڪان ۾ تشريف وٺي ويا. ڪجهه ئي دير کان پوءِ سادو لباس پهري خوب خوشبو (*Perfume*) لڳائي فضا مهڪائيندي، پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي، مسجد جي ڪونڊ ۾ نفلن ۾ مشغول ٿي ويا ايسيتائين جو صبح صادق ٿي وئي، هاڻي حويلي پاڪ (گهر مبارڪ) ۾ تشريف کڻي ويا ۽ لباس تبديل ڪري واپس آيا ۽ نمازِ فجر باجماعت ادا ڪرڻ کان بعد گذريل ڏينهن جيان عشاء تائين درس ۽ تدريس (*Teaching*) جو سلسلو جاري رهيو. مون سوچيو پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جن تمام گهڻو ٿڪجي پيا هوندا، اڄ رات ته ضرور آرام فرمائيندا، پر ٻيءَ رات به اهو ئي معمول رهيو. پوءِ ٽيون ڏينهن ۽ رات به انهيءَ طرح گذري. مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون فيصلو ڪيو ته سڄي ڄمار انهن جي خدمت ۾ رهندُس. جيئن ته مون انهن جي مسجد ۾ ئي مُستقل (*Permanently*) قِيام اختيار ڪيو. مون پنهنجي قيام جي مُدت ۾، امام اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي ڏينهن جو ڪڏهن به بنا روزي ۽ رات جو ڪڏهن به عبادت ۽ نوافل کان غافل (*Heedless*) ٿيندي نه ڏٺو. باقي ظهر کان پهريان پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه ڪجهه دير آرام فرمائي وٺندا هئا.

( مناقب الامام اعظم للكردری،صفحہ:230 تا 231 بتغير قليل ۔)

حضرتِ ابنِ ابي مُعاذ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي روايت آهي، حضرت مِسْعَر بِن كِدام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت خوش نصيب (*Fortunate*) هئا جو انهن جي وفات امامِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جي مسجد ۾ سجدي جي حالت ۾ ٿئي.

( مناقب الامام اعظم للكردری ،صفحہ:231 )

جو بے مثال آپ کا ہے تقویٰ، تو بے مثال آپ کا ہے فتویٰ

ہیں علم و تقویٰ کے آپ سنگم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

## حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جي ڏينهن رات جو شيڊيول

مروي آهي ته حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو معمول هو ته جڏهن رات ٿيندي هئي ۽ سيئي ماڻهو سمهي پوندا هئا ته پاڻ کي مخاطب ٿي چوندي هئي، اي رابعه (تي سگهي ٿو ته) اها تنهنجي زندگي جي آخري رات هجي، ٿي سگهي ٿو ته توکي سڀاڻي جو سج ڏسڻ نصيب نه ٿئي، اُٿ ۽ پنهنجي ربّ ڪريم جي عبادت ڪري وٺ ته جيئن سڀاڻي قيامت ۾ توکي ندامت (يعني شرمندگي) کي منهن نه ڏيڻو پوي، همت ڪر، سمهجانءِ نه، جاڳي پنهنجي رب جي عبادت ڪر، اهو چوڻ کان پوءِ پاڻ بيهنديون هيون ۽ صبح تائين نفل ادا ڪنديون رهنديون هيون. جڏهن فجر جي نماز ادا ڪنديون هيون ته پاڻ کي ٻيهر مخاطب ڪري چونديون هيون، **اي منهنجا نفس! تو کي مبارڪ هجي جو گذريل رات تو وڏي مشقت برداشت ڪئي، پر ياد رک! اهو ڏينهن تنهنجي زندگي جو آخري ڏينهن ٿي سگهي ٿو.** اهو چئي وري عبادت ۾ مشغول ٿي وينديون هيون ۽ جڏهن ننڊ جو غلبو ٿيندو هو بيهي ڪري گهر ۾ هلڻ شروع ڪنديون هيون ۽ گڏوگڏ پاڻ کي اهو چونديون هيون: رابعه! اها به ڪا ننڊ آهي، ان جو ڪهڙو لطف؟ ان کي ڇڏي ڏي ۽ قبر ۾ مزي سان ڊگهي مدت جي لاءِ سمهي رهجان، اڄ ته توکي گهٽي ننڊ نه آئي پر ايندڙ رات ۾ ننڊ خوب ايندي، همت ڪر ۽ پنهنجي ربّ

ڪريم کي راضي ڪري وٺ. اهڙي طرح ڪندي پاڻ پنجاهه سال گذاري ڇڏيا، پاڻ نہ ڪڏهن بستر تي ستيون ۽ نہ ئي ڪڏهن وهاڻو (*Pillow*) مٿي تي رکيو ايستائين جو پاڻ رَحمَۃُاللہِعَلَیہَا انتقال ڪري ويون.

(حڪايات الصالحين، ص ٣٩)

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيتري خوبصورت انداز ۾ ۽ ڪهڙي زبردست استقامت (*Determination*) سان پنهنجا ڏينهن رات گذاريندا هئا. هاءِ افسوس! هڪ اسان آهيون جو رات غفلت (*Carelessness*) ۾ سمهندي ۽ ڏينهن فاني دنيا (*Mortal World*) جي ڪمن ۾ گذري ويندو آهي، نہ قبر ۽ آخرت جو ڪو فڪر، نہ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ وارا ڪي ڪمَ...!! بَس:

لگا تکیہ گناہوں کا پڑا دِن رات سوتا ہوں

سيّدي اعلٰي حضرت رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ اسان گنهگارن جي هيٺين حال جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا:

دِن بھر کھیلوں میں خاک اُڑائی
لاج آئی نہ ذَرّوں کی ہنسی سے

شب بھر سونے ہی سے غَرَض تھی
تاروں نے ہزار دانت پیسے

(حدائقِ بخشش، صفحہ:145)

وضاحت: ذَرّوں کی ہنسی: مطلب ذرن جو مذاق ڪرڻ، اُسَ ۾ واريءَ جا ذرا چمڪندا آهن، اعلٰي حضرت فرمائي رهيا آهن: هي ذرا ڄڻ اسان جي حالت تي کِلي رهيا آهن، ايئن ئي: تاروں نے دانت پیسے: مطلب، تارا ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو اظهار ڪندا رهيا. مطلب هي تہ هاءِ! اسان ڏينهن راندروند ۽ فضول ڪمن (*Useless Activities*) ۾ گذاري ڇڏيا، واريءَ جا ننڍڙا ننڍڙا ذرا اسان جي هيٺين حال تي کِلندا رهيا،

مذاق ڪندا رهيا، اسان کي ان ڪان بہ شرم نہ آيو، افسوس! اسان جون راتيون غفلت ۾ گذرنديون رهيون، تارا چمڪيا ۽ جڏهن اسان کي درس ڏيندا رهيا تہ ڏسو! رات صرف سمهڻ جي لاءِ ناهي، اللّٰه پاڪ جي ياد ۾ گذارڻ جي لاءِ آهي.

## ڏينهن رات اللّٰه پاڪ جو فضل تلاش ڪيو!

اي عاشقانِ رسول! اللّٰه پاڪ هي ڏينهن رات ان ڪري ناهن بڻايا جو اسان سڄي رات بَس غافل (*Heedless*) ٿي سُتل رهون ۽ ڏينهن جي وقت بس دنيا جي ئي فڪر ۾ لڳل رهون، هي ڏينهن ۽ رات، اسان جا هي ساهَہ اللّٰه پاڪ جون ڏنل اربين کربين نعمتون، هي زندگي، اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪرڻ، ذڪر ۽ فڪر ۾ مصروف رهڻ ۽ موت ڪان بعد واري هميشہ واري زندگي جي تياري (*Preparation*) ڪرڻ جي لاءِ آهي. اللّٰه پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَ جَعَلْنَا الَّیْلَ وَ النَّهَارَ اٰیَتَیْنِ فَمَحَوْنَاۤ اٰیَةَ الَّیْلِ وَ جَعَلْنَاۤ اٰیَةَ النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ

(سيپارو: 15، سورة بني اسرائيل: آيت: 12)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اسان رات ۽ ڏينهن کي ٻہ نشانيون ناهيون پوءِ اسان رات جي نشاني مِٽايل ۽ ڏينهن جي نشاني ڏيکاريندڙ بڻائي تہ جيئن توهان پنهنجي ربّ جي ڀلائي تلاش ڪيو.

هن آيت مان معلوم ٿيو: رات ۽ ڏينهن اللّٰه پاڪ جون ٻہ نشانيون آهن: اللّٰه پاڪ رات جي نشاني کي اونداهي بڻايو جو ان ۾ هر شيءِ لِڪي ويندي آهي ۽ ڏينهن کي خوب روشن بڻايو، ڇو بڻايو؟ ان ڪري تہ جيئن توهان پنهنجي ربَّ جو فضل تلاش ڪيو! حجۃُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيتِ ڪريمہ ۾ جنهن فضل جي تلاش جو حڪم آهي اهو

ثواب ۽ مغفرت ئي آهي.

(احياء العلوم،کتاب:ترتیب الاوراد ،باب:الاول فی فضیلۃ الاوراد ،جلد:1،صفحہ:438)

ڇڻ تہ فرمايو وڃي رهيو آهي! اسان رات کي بہ پنهنجي قدرت جي نشاني (*Sign*) بڻايو، ڏينهن کي بہ پنهنجي قدرت جي نشاني بڻايو، ڇو؟ تہ جيئن توهان رات ڏينهن نيڪيون ڪيو، جنّت ۾ وني وڃڻ وارن عملن جي ذريعي آخرت جو عظيم ثواب ۽ الله پاڪ جي مغفرت تلاش ڪندا رهو...!!

نیکیوں میں یارسولَ اللہ دل لگ جائے کاش! | اور گناہوں سے مجھے ہو جائے نفرت یارَسول

(وسائلِ بخشش،صفحہ:242۔)

## ڏينهن رات ذڪرو فڪرۦِ شڪر جي لاءِ آهن

سيپارو: 19، سورة فرقان، آيت: 62 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَهُوَ الَّذِیْ جَعَلَ الَّیْلَ وَ النَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ یَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا(۶۲)

(سيپارو: 19، سورة فرقان، آيت: 62)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهو ئي آهي جنهن رات ۽ ڏينهن کي هڪبئي جي پٺيان اچڻ وارو بڻايو (هيءُ) ان جي لاءِ (نشاني) آهي جيڪونصيحت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو يا جيڪو (الله جو شڪر) ادا ڪرڻ چاهي ٿو.

يعني الله پاڪ رات ڏينهن کي هڪبئي جي پٺيان اچڻ وارو بڻايو تہ جيئن انهن مان ڪنهن هڪ وقت ۾ ڪو نيڪ عمل رهجي وڃي تہ ٻئي وقت ۾ ان جو ازالو (*Compensate*) ڪيو وڃي، وڏيڪ هن آيتِ ڪريمہ ۾ هي بہ ٻڌايو ويو تہ ڏينهن رات جو ايئن اڳيان پٺيان اچڻ الله پاڪ جي ذڪر، آخرت جي معاملات ۾ غور ۽ فڪر (*Compensate*) ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ آهي.

کاش لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پَہر ترا یاربّ!

وسائلِ بخشش،صفحہ: 79۔

## ڏينهن ۽ رات فنا جو پيغام ڏيندا آهن

اي عاشقانِ رسول! ڏينهن رات جو ايئن اچڻ وڃڻ اسان کي فنا جو پيغام (Extinction) ڏئي رهيو آهي، هر روز سج لهڻ جي لاءِ نڪرندو آهي، هر رات تارا لِڪي وڃڻ جي لاءِ طلوع ٿيندا آهن. هاءِ! جلدئي اهو وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن سج ته نڪرندو پر اسان ان سج کي ڏسڻ جي لاءِ دنيا ۾ موجود نه هونداسين، رات ته ايندي پر ان رات اسان جي لاءِ نرم بسترو (Soft Bed) نه وڇايو ويندو، هاءِ! قبر ۾ مٽيءَ تي سُتل هونداسين.

غافل تجھے گھڑیال یہ دیتا ہے منادی | قدرت نے گھڑی عمر کی اک اور گھٹا دی

وضاحت: اي پنهنجي انجام ۽ موت کان غافل انسان! ٿورو غور سان ٻڌ ھي گھڙيءَ مان اچڻ وارو ٽِڪ ٽِڪ جو آواز اعلان ڪري رهيو آهي: تنهنجي عمر جو سيڪنڊ گهٽ ٿي ويو، هاڻي پورو منٽ گذري ويو، هاڻي پورو ڪلاڪ گهٽ ٿي ويو.

## عنقريب تون قبر ۾ لهي ويندي

صحابيءِ رسول حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: اي ابنِ آدم زمين کي پنهنجي پيرن سان لتاڙ! عنقريب تون ان جي اندر لهي ويندي. اي ابنِ آدم تنهنجي زندگي ڇا آهي؟ اهو ئي ڏينهن جو ميڙ ته آهي. جڏهن هڪ ڏينهن گذري ويندو آهي، تنهنجي زندگي جو هڪ حصو گهٽ ٿي ويندو آهي، بيشڪ جڏهن کان تون پيدا ٿيو آهين تنهنجي زندگي لاڳيتو گهٽ ٿيندي پئي وڃي.

موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:کلام اللیالی و الایام،جلد:8،صفحہ:336۔

## مومن جي نصيحت

حضرت عبدُ الله بن سُمَيط رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون پنهنجي والدِ محترم کي

فرمائيندي ٻڌو: مومن ٻانهو پاڻ کي هيئن سمجهائيندو آهي: اي نفس! هي دنياوي ۽ فاني زندگي (*Mortal Life*) صرف 3 ڏينهن ئي تہ آهي، هڪ ڏينهن گذري ويو، ٻيو اهو جيڪو گذري رهيو آهي، سمجهي ڇڏ تہ بس هي بہ گذري ويو ۽ ٽيون ڏينهن **اچڻ وارو صبح آهي** ۽ اهو تہ هڪ خالي اميد (*Hollow Hope*) آهي جنهن کي شايد تون نہ ماڻي سگهين، مثال طور جيڪڏهن تون سڀاڻي تائين زنده رهين تہ سڀاڻي جو ڏينهن تنهنجو رزق (*Sustenance*) ۽ خبر ناهي تہ ڪيترن ماڻهن جي لاءِ موت (*Death*) جو پيغام گڏ کڻي ايندو، ٿي سگهي ٿو تہ تون بہ انهن ۾ شامل هجين جن کي موت جو پيغام ملڻ وارو آهي، پوءِ جيڪڏهن وڌيڪ زندگي ملي تہ تنهنجي ڪمزور هيٺي دل تي غربت (*Poverty*)، بيماري ۽ آفتن (*Calamities*) جو غم مُسلط رهندو، جڏهن توکي ايترا دنياوي غمَ هوندا تہ تنهنجي دل آخرت جي فڪر جي طرف ڪيئن متوجه ٿيندي؟ ياد رک! هر گذرندڙ ڏينهن تنهنجي عمر کي گهٽائي رهيو آهي، پر توکي ڪا پرواهہ ناهي، اهو شخص آخرت جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪندو جنهن جون دنياوي خواهشون ئي پوريون نہ ٿيون ٿين؟ ڪيڏو نادان آهي ۽ عجيب آهي اهو مسلمان جنهن کي يقين آهي تہ هي دنيا فاني آهي، آخرت (*Hereafter*) باقي رهڻ واري آهي، پوءِ بہ باقي رهڻ واري زندگي کي ڇڏي ڪري فاني زندگي کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي غم ۾ پريشان آهي.

عيون الحکايات،صفحہ:364 ملخصًا۔

| | |
|---|---|
| آخرت کی فکر کرنی ہے ضرور | زِندگی اک دِن گزرنی ہے ضرور |
| جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور | قبر میں میت اترنی ہے ضرور |
| ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے | کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے |

پيارا اسلامي ڀائرو! ڳالهہ واقعي سچي آهي، اسان کي دنياوي فڪرن ايئن

وڪوڙي ورتو آهي جو آخرت جي فڪر جو تہ وقت ئي ناهي ملندو، هر وقت دنيا ڪمائڻ جو ئي فڪر آهي، جنّت ڪمائڻ، آخرت بهتر بڻائڻ ۽ قبر ۾ روشني جو سامان ڪرڻ جو تہ ڪڏهن بہ خيال ئي ناهي ايندو!! هاءِ هي غفلت...!! ٿورو تصور ڪيو! (*Just Imagine it*) هي دنيا ڪيتري دير تائين رهڻي آهي. ڪهڙي خبر: اڄوڪي رات اسان جي زندگي جي آخري رات هجي، ڪهڙي خبر: اڳين گهڙيءَ ۾ ئي حضرت مَلَڪَ الْمَوْت عَلَيْهِ السَّلَام تشريف وٺي اچن ۽ اسان ڪي صبح جو سج ڏسڻ بہ نصيب نہ ٿئي...!!

هونئن بہ جيتوڻيڪ اسان سؤ سال بہ زندگي گذاريون، آخر هڪ نہ هڪ ڏينهن تہ مرڻو ئي آهي، هن دنيا کي ڇڏڻو آهي، جيڪو ڪمايو هتي ئي ڇڏي قبر ۾ لهڻو آهي ۽ پنهنجي ڪَيل جي سزا ڀوڳڻي آهي.

گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے
قبر میں تنہا قیامت تک رہے
قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشمار
یاد رکھ! میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہو گی مجھ میں سُن! وحشت بڑی
میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں! مگر اعمال لیتا آئے گا
گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا
کام مال و زر نہیں کچھ آئے گا
غافل انساں! یاد رکھ پچھتائے گا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر ڏينهن عمر گهٽجي رهي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱو، سمجهدار (*Sensible*) ۽ عقلمند اهو ئي آهي جيڪو غفلت جي چادر لاهي ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مصروف ٿي وڃي. حضرت

عبدُ اللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جڏهن ماڻهن وٽ ويهندا هئا تہ فرمائيندا هئا: اي انسانو! رات ڏينهن گذرڻ سان گڏوگڏ توهان جون عمرون بہ گهٽ (*Minus*) ٿينديون پيون وڃن. توهان جا اعمال محفوظ ڪيا پيا وڃن. موت اوچتو ايندو تہ جيڪو نيڪي جو فصل پوکيندو جلدئي ان کي شوق سان لُڻندو ۽ جيڪو بُرائي جو فصل پوکيندو ان کي ندامت سان لُڻڻو پوندو. هر هڪ پنهنجو پوکيل فصل ئي لُڻندو.

موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:کلام اللیالی و الایام،جلد:8،صفحہ:332۔

## ڏينهن 3 آهن

حضرت سُفيان بن عُيَيْنہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ڏينهن 3 آهن: (1): هڪ اهو جيڪو گذري ويو، اهو توهان کي حڪمت (*Wisdom*) ۽ ادب سيکارڻ وارو آهي، (اهو ڏينهن گذري چڪو، هاڻي) ان ۾ توهان جي لاءِ صرف نصيحت ۽ عبرت باقي آهي (2): ٻيو اجوڪو ڏينهن آهي، هي توهان وٽ مهمان (*Guest*) آهي، جلدئي هليو ويندو، پوءِ وري ڪڏهن موٽي نہ ايندو (3): ٽيون ڏينهن اچڻ وارو صبح (*Coming Day*) آهي، توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ صبح ڪير ڏسندو.

موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:کلام اللیالی و الایام،جلد:8،صفحہ:334۔

## هر ڏينهن هي صدا لڳائيندو آهي...!!

امام ابنِ ابي الدُّنيا رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا: هر ڏينهن هي صدا لڳائيندو آهي: (اي انسانو!) مان دنيا آهيان ۽ مان توهان تي گواهہ آهيان، اي ابنِ آدم! مان ٻيهر موٽي ڪري نہ ايندس. تنهنڪري اڄ نيڪ اعمال ڪري وٺو...!! اهڙيءَ طرح ايندڙ رات هي چوندي آهي: اي ابنِ آدم! اڄ رات نيڪ اعمال ڪري وٺو! مان ٻيهر موٽي ڪري نہ اينديس.

موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:کلام اللیالی و الایام،جلد:8،صفحہ:333، ملتقطاً۔

## ڏينهن ۽ رات خزانا آهن

ڪامل ولي حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ هي ڏينهن رات 2 خزانا آهن، بَس غور ڪيو تہ انهن خزانن کي ڪٿي خرچ (*Spend*) ڪري رهيا آهيو؟

موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:کلام اللیالی و الایام،جلد:8،صفحہ:336۔

## ڏينهن ۽ رات 2 مهمان آهن

امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي ابنِ آدم! هي ڏينهن ۽ رات توهان وٽ مهمان آهن، جلدئي هي توهان جي تعريف (*Praise*) ڪري يا توهان کي بُرو پلو چئي ڪري هليا ويندا.

## هاءِ! منهنجي زندگي جو هڪ ڏينهن گهٽ ٿي ويو

حضرت مُفَضَّل بن يُونُس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو معمول هو: جڏهن رات ٿيندي هئي تہ فرمائيندا هئا: هاءِ! منهنجي زندگي جو هڪ ڏينهن گهٽ (*Minus*) ٿي ويو. جڏهن صبح ٿيندي هئي تہ فرمائيندا: هاءِ! منهنجي زندگي جي هڪ رات گهٽ ٿي وئي. جڏهن سندن آخري وقت آيو تہ پاڻ روئڻ لڳا، پوءِ فرمايائون: مان ڄاڻان ٿو تہ مون تي آفتن (*Calamities*) سان پريل ڏينهن اچڻ وارو آهي، هاءِ! ڏينهن سخت غم وارو آهي، بيشڪ اهو ئي سچو خدا آهي، جنهن پنهنجي مخلوق جي لاءِ موت جو فيصلو فرمايو، پوءِ پاڻ سيپارو: 29، سورة مُلڪ جي هي آيتِ ڪريمہ تلاوت فرمائي:

الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًاؕ

(سيپارو: 29 ، سورة مُلڪ: آيت: 2)

ترجمو ڪنزالعرفان: (الله اهو آهي) جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي آزمائش ڪري تہ توهان مان ڪير وڌيڪ سُٺا عملَ ڪرڻ وارو آهي.

هي پڙهڻ کان بعد هڪ آخري ساهُ کنيائون ۽ دنيا مان رخصت ٿي ويا.

موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:کلام اللیالی و الایام،جلد:8،صفحہ:337 ۔

## عقلمند ڪير...؟

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: يعني عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجو مُحاسبو ڪري (يعني پنهنجي اعمال جو جائزو وٺندو ڪري) ۽ موت کان بعد (واري زندگي) جي لاءِ عمل ڪري.

ترمذی،ابواب صفۃ القیامۃ و الرقائق و الورع، صفحہ:583 ،حدیث:2459۔

## ڏينهن رات جو شيڊيول ڪيئن ٺاهيون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت (*Reality*) آهي، اسان جو هڪ هڪ ساهه قيمتي آهي، هڪ هڪ گهڙي (*Precious*) انمول آهي، عقلمند اهو ئي آهي جيڪو ڏينهن ۽ رات نهايت احتياط (*Caution*) سان، سوچي سمجهي ڪري نيڪيون ڪندي گذاري. الله پاڪ اسان کي آخرت جو فڪر نصيب فرمائي. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي ڏينهن رات جو جدول (*Schedule*) ٺاهيون، جنهن ۾ دنيا جا جائز ۽ ضروري ڪمَ به هجن ۽ ان سان گڏوگڏ ڏينهن ۽ رات جو هڪ وڏو حصو آخرت جي لاءِ، نيڪ ڪمن جي لاءِ به رکون. اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: ڪوشش ڪيو ته صبح اٿڻ کان بعد کان وٺي ڪري رات سمهڻ تائين سمورن ڪمن جا وقتَ مُقرر (*Fix*) هجن مثلاً: هيتري وڳي تهجد، علمي مصروفيت، مسجد ۾ تڪبيرِ اولٰي سان باجماعت نمازِ فجر (اهڙيءَ طرح ٻيون نمازون به) اشراق، چاشت، ناشتو، رزق ڪمائڻ، ٻِپهري جو ڪاڌو(*Lunch*)، گهريلو معاملا (*Domestic Affairs*)، شام جي مصروفيت، چڱي صحبت، (جيڪڏهن اها مُيسر

نہ هجي تہ اڪيلو رهڻ ان کان بهتر آهي)، اسلامي ڀائرن سان ديني ضروريات (*Religious Needs*) جي حوالي سان ملاقات وغيره جا وقت مقرر ڪيا وڃن جيڪي ان جا عادي ناهن انهن جي لاءِ تي سگهي تو تہ شروع ۾ ٿوري ڏکيائي (*Difficulty*) پيش اچي. پوءِ جڏهن عادت پئجي ويندي تہ ان جون برڪتون (*Benefits*) پاڻ ئي ظاهر ٿي وينديون. اِنۡ شَآءَاللّٰهُ الۡكَرِيۡم!

انمول هيرے، صفحہ:21تا22۔

دن لہو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی، خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں
رزقِ خدا کھایا کیا فرمانِ حق ٹالا کیا
شکرِ کرم ترسِ سزا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

وسائلِ بخشش،صفحہ:111۔

وضاحت: اي غافل نفس...!! ڏينهن فضوليات ۾ گذاريندو آهين، رات جو غفلت جي ننڊ ڪندو رهندو آهين، افسوس! نہ ھي سوچيو تہ قيامت جي ڏينهن ربّ ڪريم جي بارگاھ ۾ ڪيئن پيش ٿي سگھندي، نہ ھي شرم تہ پنھنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪھڙو منھن ڏيکاريندُس. الله پاڪ جو ڏنل رزق کائيندو آھين پر ان جو فرمان ٽاريندو آهين، نافرمانيون ڪندو آهين، نہ انهن ڪرم نوازين جو شڪر ادا ڪندو آهين، نہ توکي قيامت جي ڏينهن سزا جو خوف آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هر هڪ جون مصروفيتون جُدا جُدا هونديون آهن، ان ڪري هر هڪ کي گھرجي تہ پنهنجي حالات (*Situations*)، مصروفيات وغيره

جي مطابق پنهنجو جدول (*Schedule*) ٺاهئين، باقي! اسان پنهنجي دنياوي مصروفيات سان گڏوگڏ وڌ کان وڌ آخرت جي تياري ڪيئن ڪري سگھنداسين؟ ان بابت ڪجھ مدني گُلَ (*Madani Pearls*) اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا:

## (1): نمازِ باجماعت جو اهتمام ڪيو!

پهريون مدني گُل هي آهي ته پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جو معمول (*Routine*) ٺاهيو! نماز پهريون فرض آهي، اعلٰي حضرت امامِ اهلِ سنّت، شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نماز اوّل شريعت آهي. (فتاوٰی رضويه،جلد:5،صفحه:83ملتقطاً) يعني پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي جڏهن پهرين وحي نازل ٿي، ان کان بعد سڀ کان پهريان فرض عبادت جنهن جو حڪم ڏنو ويو، اها نماز آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: نماز دين جو ٿنڀ (*Pillar*) آهي جنهن ان کي ڇڏيو ان جو ڪو دين ناهي.
(شعب الايمان، باب في الصلوات، جلد:3، صفحه:39، حديث:2807بتغير)

الله پاڪ اسان کي نمازون قضا ڪرڻ جي گناهه کان محفوظ فرمائي.

ميں پانچوں نمازيں پڑھوں باجماعت
ہو توفيق ايسی عطا ياالٰہی!
ميں پڑھتا رہوں سنّتيں، وقت ہی پر
ہوں سارے نوافِل ادا ياالٰہی!
(وسائلِ بخشش،صفحه:102۔)

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي روزانو جي معمول (*Routine*) ۾ پنج وقت نمازِ باجماعت کي اوّلين درجو ڏيو! سڀ کان پهريان نماز، پوءِ ٻيا ڪمَ. هي ڪندؤ ته اِنْ شَآءَاللهُ الْکَرِيْم! دنيا به سنورجي ويندي. آخرت به بهتر (*Better*) ٿي ويندي.

# باجماعت نماز جو ثواب

امام فقيہ ابو اللّيث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (تابعي بزرگ) حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِيَ اللهُ عَنْه کان نقل ڪيو آهي تہ انھن فرمايو: مون تورات جي ڪنھن مقام تي پڙھيو (الله پاڪ فرمائي ٿو): اي موسٰي! فجر جون 2 رڪعتون احمد (ھتي احمد مان مُراد، الله پاڪ جا پيارا نبي، حضور مڪي مدني آھن) ۽ انھن جي امّت ادا ڪندي، جيڪو انھن کي پڙھندو ان جا ان ڏينھن رات جا گناھ بخشي ڇڏيندُس ۽ اھو منھنجي ذمي ۾ ھوندو. اي موسٰي! ظھر جون 4 رڪعتون احمد ۽ ان جي امّت پڙھندي انھن کي پھرين رڪعت جي عيوض (يعني بدلي ۾) بخشي ڇڏيندس ۽ ٻيءَ جي بدلي ۾ انھن (جي نيڪين) جو پڙ وزني ڪري ڇڏيندس ۽ ٽئين جي لاءِ ملائڪ يعني مقرر ڪندُس تہ تسبيح (يعني الله پاڪ جي پاڪائي بيان) ڪندا ۽ انھن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رھندا ۽ چوٿين جي بدلي انھن جي لاءِ آسمان جا دروازا کُشاده ڪري ڇڏيندس، وڏين وڏين اکين واريون حورون انھن تي شوق ڀريون نظرون وجھنديون. اي موسٰي! عصر جون 4 رڪعتون احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ۽ انھن جي امّت ادا ڪندي تہ ستن آسمانن ۽ زمين ۾ ڪو ملائڪ باقي نہ بچندو، سڀ ئي انھن جي مغفرت گھرندا ۽ ملائڪ جنھن جي مغفرت گھرن مان ان کي ھرگز عذاب نہ ڏيندس. اي موسٰي! مغرب جون 3 رڪعتون آھن، انھن کي احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ۽ سندن امّت پڙھندي (تہ آسمانن جا سمورا دروازا انھن جي لاءِ کولي ڇڏيندس، جنھن حاجت جو سوال ڪندا ان کي پورو ڪندس. اي موسٰي! عشاء جون 4 رڪعتون آھن، انھن کي احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ۽ انھن جي امّت پڙھندي تہ ھي انھن جي لاءِ دنيا ۽ ان جي ھر شيءِ کان بھتر آھن، اھي ھنن کي گناھن کان ايئن ڪڍي ڇڏينديون، جيئن پنھنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيا. اي موسٰي! جڏھن احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ۽ انھن جي امّت وضو ڪندي تہ مان ھر ڦُڙي جي بدلي اھڙي جنّت عطا فرمائيندس

جنهن جي ويڪر (*Width*) زمين آسمان جي برابر هوندي.
(فتاویٰ رضویہ،جلد:5،صفحہ:52 تا 54 )

## باجماعت فرض نماز هڪ نظر ۾

فرض نماز جماعت سان ادا ڪرڻ ۾ الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم جي حڪم تي عمل آهي ايمان وارو هجڻ جي گواهي (*Testament*) آهي الله پاڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب (يعني پيارو) رکندو آهي نمازِ باجماعت (*Congregational Prayer*) اڪيلو پڙهڻ کان 27 درجا افضل آهي الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن تي درود موڪليندا آهن باجماعت عشاء جي نماز پڙهڻ جڻ آڌي رات قيام (يعني عبادت) ڪرڻ آهي فجر جي نماز باجماعت پڙهڻ جڻ سڄي رات قِيام (يعني عبادت) ڪرڻ آهي. باجماعت نماز پڙهڻ وارو پُلصراط تان سِپ کان پهريان بجلي جيان گذرندو باجماعت نماز ادا ڪرڻ وارن جو شان ۽ شوڪت ڏسي ڪري محشر وارا رِيسَ ڪندا ان جا گناهه بخشيا ويندا مسجد ۾ اچڻ واري کي هر قدم جي بدلي ثواب ملندو هر قدم تي هڪ درجو بلند ٿيندو آهي ۽ هڪ گناهه مٽايو ويندو آهي الله ڪريم ان جي لاءِ صبح ۽ شام جنّت ۾ مهماني جو اهتمام فرمائيندو نماز جي لاءِ ڪنيو ويندڙ هر قدم صدقو آهي جيسيتائين پانهو نماز جو انتظار ڪندو رهندو، پلائي تي رهندو، الله پاڪ جي حفاظت ۾ رهندو ۽ شيطان کان محفوظ (*Protected*) رهندو قيامت جي ڏينهن عرش جي ڇانوَ نصيب ٿيندي. جهنّم، منافقت (*Duplicity*) ۽ غفلت کان نجات (*Salvation*) نصيب ٿيندي. پاڻ ۾ محبت وڌندي باجماعت نماز جي تڪبيرِ اولٰي ماڻڻ 100 ڏاچيون حاصل ڪرڻ کان بهتر آهي.
فيضانِ نماز،صفحہ:139۔

## (2): نمازن جا وقت اهتمام سان گذاريو!

ڏينهن رات ڪيئن گذارڻا آهن؟ ان بابت ٻيو مدني گلُ: هي آهي ته نماز پڙهڻ ۾ جيترو وقت لڳندو آهي، اهو وقت پوري اهتمام سان، ڀرپور پلاننگ (*Planning*) سان گذاريو! اسان جڏهن نماز جي لاءِ گهر يا دڪان کان هلندا آهيون، ان وقت کان وٺي واپس گهر يا دڪان تي اچڻ تائين تقريباً 15 کان 20 منٽ يا اڌ ڪلاڪ لڳي ويندو هوندو. هي جيڪي 15 کان 20 منٽ آهن، هي پوري پلاننگ سان گذارڻ گهرجن. اسان وٽ ٿيندو ڇا آهي؟ مسجد ۾ وضو خاني تي پهچي ڪري موبائل کيسي ۾ رکيوسين، جلدي جلدي وضو ڪيوسين، وضو جو پاڻي مسجد جي فرش تي ٽِمائيندي پوءِ جيئن تيئن نماز پڙهي، مسجد مان نڪتاسون ته موبائل ٻيهر هٿ ۾...!! گهمندي ڦرندي هٿ لوڏيندي مختلف سوچن ۾ گُم يا ڪو دوست گڏ آهي ته ان سان گفتگو ڪندي واپس موٽي آيا.

ايئن نه ڪيو. نماز پوري اهتمام (*Pre-arrangement*) سان پڙهو. هي 15 کان 20 منٽ يا اڌ ڪلاڪ اسان نماز جي لاءِ ڪڍي رهيا آهيون، هي به اسان جي زندگي جو حصو (*Part of life*) آهي بلڪ ڏٺو وڃي ته هي زندگي جو سڀ کان قيمتي حصو آهي جو هن وقت ۾ اسان پنهنجي الله پاڪ جي حضور حاضر ٿي رهيا آهيون، ان ڪري هن وقت کي پوري فڪر مندي سان گذارڻ گهرجي. ڪيئن گذارڻو آهي؟

## نماز اهتمام سان پڙهڻ جو طريقو

جڏهن گهر يا دڪان کان هلو، ان وقت چڱيون چڱيون نيّتون (*Intentions*) ڪيو! مثال طور رستي ۾ ذڪر ۽ درود پڙهندو ويندُس، مسلمانن کي سلام ڪندُس، نظرون جهڪائي ڪري، هلڻ جي سنّت جو لحاظ ڪندي هلندُس وغيره

هاڻي انهن نيّتن تي عمل ڪندي مسجد وڃو! وضو گهران ڪري آيا آهيو ته بهتر، نه ته هاڻي مسجد ۾ وضو ڪيو! وضو جي آدابن جو خيال رکو! وضو جون 14 سنّتون آهن، انهن 14 سنّتن تي لازمي عمل ڪيو! وضو جي پاڻي جا قطرا مسجد جي فرش تي نه ڪِرن، ان جي لاءِ وضو خاني تي ئي عضوا صاف ڪري وٺو! ها توري آلاڻ باقي رهڻ ڏيو جو هي آلاڻ قيامت جي ڏينهن ميزان ۾ رکي ويندي هاڻي مسجد پهچو، جيڪڏهن وقت هجي ته تحيةُ المسجد ۽ تحيةُ الوضو جا نوافل پڙهي وٺو! (پر ياد رکو! نوافل فجر ۽ مغرب جي اذان کان بعد نه ٿا پڙهي سگهون) يا چاهيو ته سنّتِ قبليه (يعني فرضن کان پهريان وارين سنّتن) ۾ ئي تحيةُ الوضو ۽ تحيةُ المسجد جي نيّت ڪري وٺو! هاڻي جماعت جي انتظار ۾ ويهڻو آهي، يقين ڪيو! نماز جي انتظار ۾ ويهڻ به فائدي کان خالي ناهي.

## قيامت جي ڏينهن چمڪدار، روشن چهرا

جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته قبرن مان هڪ اهڙي جماعت اٿندي جن جا چهرا چمڪدار تارن جيان هوندا، ملائڪ انهن کي چوندا ته توهان جا اعمال ڪهڙا هئا، اهي جواب ڏيندا ته جڏهن اسان اَذان ٻڌندا هئاسين ته وضو جي لاءِ اٿي ويندا هئاسين ۽ ڪنهن ٻئي ڪمَ ۾ مشغول نه ٿيندا هئاسين. پوءِ هڪ اهڙي جماعت ايندي جن جا چهرا چاندي جيان چمڪندا هوندا، اهي ملائڪن جي سوال کان بعد چوندا ته اسان وقت کان پهريان وضو ڪندا هئاسين، پوءِ هڪ اهڙي جماعت ايندي جن جا چهرا سج جيان چمڪندا هوندا ۽ اهي چوندا ته اسان اَذان مسجد ۾ ٻڌندا هئاسين (يعني اَذان کان پهريان مسجد ۾ پهچي ويندا هئاسين). تفسير روح البيان ، پاره :18،سورة النور، تحت الآية :38، جلد:6، صفحه:161۔

اي عاشقانِ رسول! ڪوشش ڪيو! ايترو جلدي اچي وڃو جو جماعت جي

وقت کان هڪ يہ منٽ پهريان سنّتن وغيره کان فارغ ٿي وڃو، هن هڪ اڌ منٽ ۾ اک بند ڪري ڪجھ دير غور ۽ فڪر ڪيو! اصل (*Different Activities*) ۾ اسان مختلف ڪمن ۾ مصروف هوندا آهيون، ايئن ئي اٿي ڪري نماز جي لاءِ هليا وياسين، رستي ۾ گفتگو ڪندي، مختلف شين کي ڏسندي مسجد ۾ آياسين، هي سڀ ڪجھ اسان جي ذهن (*Mind*) ۾ هوندو آهي، اسان ايندي ئي نماز شروع ڪري ڇڏيندا آهيون تہ اهو سڀ ڪجھ اسان جي ذهن ۾ هلي رهيو هوندو آهي، انهن سوچن کي دماغ کان هٽائڻ گهرجي، لهٰذا هڪ اڌ منٽ ويهي ڪري اک بند ڪري قبر ۽ آخرت جو، حشر، پُلصراط، ميزان وغيره جو تصور ڪيو! هاڻي جماعت جو وقت ٿي ويو، نمازِ باجماعت جي سعادت حاصل ڪيو. نماز کان فارغ ٿي ڪري فوراً اٿي ڪري هليا نہ وڃو، بلڪ ڪجھ دير مسجد ۾ ويهو.

## هر نماز کان بعد 4 ڪم ڪيو!

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هر نماز کان بعد 4 ڪمَ ڪرڻ گهرجن: (1): تلاوت ڪيو (2): ذڪر اذڪار ڪيو (3): غور ۽ فڪر ڪيو (4): دعا گهرو.

(احياء العلوم،كتاب:ترتيب الاوراد ،باب:الاول فی فضيلة الاوراد ،جلد:1،صفحہ:447۔)

ذهن ۾ اڇي رهيو هوندو تہ هي چار ڪم ڪندي تہ ڪافي وقت لڳي ويندو. جي ها! جيڪڏهن توهان وٽ واندڪائي آهي تہ وقت لڳايو ۽ جيڪڏهن وقت گهٽ آهي تڏهن بہ ڪا مشڪل ناهي، هي چار ڪم 5 منٽن ۾ بہ ڪري سگهجن ٿا، مثال طور صرف 3 آيتن جي تلاوت ڪيو، هن طرح ڪرڻ ۾ شايد هڪ منٽ لڳندو، مختصر وظيفو پڙهي وٺو، تسبيحِ فاطمہ پڙهي وٺو يا جيڪي بہ توهان جي پير صاحب جي طرف کان عطا ڪيل اوراد ۽ وظائف آهن، هڪ کان ڏيڍ منٽ ۾ اهي پڙهي وٺو، پوءِ صرف هڪ منٽ جي لاءِ اک بند ڪري قبر ۽ آخرت،

موت، قيامت جي ڏينهن اٿڻ، بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿيڻ جو تصور ڪيو! آخر ۾ دعا گهري ونو! ايئن هي چار ئي ڪم (تلاوت، ذڪر اذڪار، غور و فڪر ۽ دعا) هر نماز کان بعد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو. اسان هن انداز سان نماز پڙهنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اهڙي نماز اسان جي دل تي اثر (**Influence**) ڪندي، الله پاڪ چاهيو تہ سڪون واري ڪيفيت بڻجندي پر تي سگهي ٿو تہ جيئن ئي مسجد مان نڪرو، پنهنجن ڪمن ۾ مصروف ٿيو تہ هيءَ ڪيفيت ختم ٿي ويندي پر ڪوشش ڪري ڪجهہ دير جي لاءِ 5 يا 10 منٽ ان ڪيفيت کي پنهنجي مٿان طاري رکو، اهو ڪيئن؟ نماز کان بعد گهر يا دڪان وغيره ڏي ويندي وقت، ذڪر ۽ درود جاري رکو ڪجهہ دير تائين ڪو نعتيہ يا دعائيہ شعر آهستي آواز ۾ طرز سان پڙهندا رهو (وسائلِ بخشش ۾ اميرِ اهل سنت، دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا نهايت آسان اشعار ملي ويندا، روزانو ڪو هڪ شعر ڏسي ونو! مثال طور هي شعر)

| خدايا! بُرے خاتمے سے بچانا | پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یاالٰہی! |
|---|---|
| | (وسائلِ بخشش، صفحہ:110۔) |

ايئن ئي ڪو نعتيہ، دعائيہ شعر ڏسو ۽ نماز کان بعد ڪجهہ دير تائين آهستہ آواز ۾ طرز سان پڙهندا رهو اڳين نماز جو وقت ڏسي ونو مثال طور ظهر جي نماز پڙهي ڪري آيا آهيو. تہ ***Prayer Time*** ايپليڪيشن جي ذريعي عصر جو وقت ڏسي ونو تہ ڪڏهن شروع ٿي رهيو آهي، مان عصر جي لاءِ ڪڏهن ويندُس هي ذهن بڻائي ونو، عصر جي نماز جي لاءِ ويندي ڇا پڙهندو ويندُس، هي سوچي ونو، ايئن ئي نماز کان بعد بہ اسان گهٽو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ 10 منٽ اهڙن ڪمن ۾ مصروف رهنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نماز واري ڪيفيت دل تي طاري رهندي.

هي شيڊيول مثال طور عرض ڪيو آهي، بهرحال! نماز جي لاءِ وڄڻ کان ونڻي ڪري اچڻ تائين جيڪو وقت آهي، هي وقت ته لڳڻو ئي لڳڻو آهي، نماز فرض آهي، اسان کي پڙهڻي ئي پڙهڻي آهي، لِهٰذا هي وقت اسان ايئن پلاننگ سان گذاريندا سين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! انهيءَ وقت ۾ ڪوڙ نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب (*Successful*) ٿي ويندا سين.

| | |
|---|---|
| میں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نمازیں | اللہ! عبادت میں مرے دل کو لگا دے |

وسائلِ بخشش، صفحہ:114۔

## (3): ڏينهن جو پهريون ۽ آخري وقت نيڪين ۾ گذاريو!

ڏينهن ۽ رات جو شيڊيول ٺاهڻ جي باري ۾ ٽيون مدني گُل: هي آهي ته ڏينهن جو شروعاتي ۽ آخري وقت نيڪ ڪمن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو! ڇوته هي ٻئي وقت نهايت بابرڪت ۽ تمام اهميت وارا آهن. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ حِيۡنَ تُمۡسُوۡنَ وَ حِيۡنَ تُصۡبِحُوۡنَ ﴿۱۷﴾
(سيپارو: 21، سورة روم: آيت: 17)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪيو جڏهن شام ڪيو ۽ جڏهن صبح ڪيو.

هڪ ٻئي مقام تي فرمائي ٿو:

وَ سَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ قَبۡلَ طُلُوۡعِ الشَّمۡسِ وَ قَبۡلَ غُرُوۡبِهَا ۚ
(سيپارو: 16 ، سورة طٰهٰ: آيت: 130)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ۽ ان جي غروب ٿيڻ کان اڳ پنهنجي ربّ کي ساراهيندي سندن پاڪائي بيان ڪندو رهه.

سيپارو: 13، سورة رَعْد ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو:

لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْۢ بَیْنِ یَدَیْهِ وَ مِنْ خَلْفِهٖ یَحْفَظُوْنَهٗ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِؕ

(سيپارو: 13، سورة رَعْد: آيت: 11)

ترجمو ڪنزالعرفان: انسان جي لاءِ ان جي اڳيان ۽ ان جي پنيان بدلي ٿيندڙ واري واري سان اچڻ وارا ملائڪ آهن جيڪي الله پاڪ حڪم سان ان جي حفاظت ڪندا آهن.

صراطُ الجنان ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان لکيل آهي: جمهور مفسرين جي ويجهو انهن ملائڪن مان ڏينهن ۽ رات ۾ حفاظت ڪرڻ وارا ملائڪ مُراد آهن، انهن کي مَتائي مَتائي ڪري واري واري سان اچڻ وارا ان ڪري چيو ويو تہ جڏهن رات جا ملائڪ ايندا آهن تہ ڏينهن جا ملائڪ هليا ويندا آهن ۽ ڏينهن جا ملائڪ ايندا آهن تہ رات جا ملائڪ هليا ويندا آهن.

(تفسيرِ ڪبير،پاره:13 ،سورۂ رعد،زيرِ آيت:11،جلد:7،صفحه:17)

ملائڪن جي هيءَ تبديلي فجر ۽ عصر نماز جي وقت ٿيندي آهي ۽ جيڪي ماڻهو هي ٻئي نمازون ادا ڪندا آهن انهن کي هي فائدو (*Benefit*) حاصل ٿيندو آهي تہ ملائڪن جي تبديلي جي وقت اهي نماز جي حالت ۾ هوندا آهن، بهرحال حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: رات ۽ ڏينهن جا ملائڪ توهان وٽ واري واري سان ايندا آهن ۽ نمازِ فجر ۽ نمازِ عصر ۾ گڏ ٿيندا آهن پوءِ جيڪي توهان وٽ آيا هئا اهي مٿي چڙهي ويندا آهن تہ انهن جو ربّ انهن کان پڇندو آهي حالانڪ هو انهن کي خوب ڄاڻيندو آهي توهان منهنجي ٻانهن کي ڪهڙي حال ۾ ڇڏيو؟ ملائڪ عرض ڪندا آهن اسان انهن کي اهڙي حال ۾ ڇڏيو جو هُو نماز پڙهي رهيا هئا ۽ جڏهن اسان انهن وٽ ويا هئاسين تڏهن بہ اهي نماز پڙهي رهيا هئا.

(بخاری،کتاب :مواقيت الصلاة،باب:فضل صلاة العصر،صفحه:205، حديث:555۔)

سُبْحٰنَ اللّٰه پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي فجر ۽ عصر جا وقت ڪهڙا نہ بابرڪت آهن. لهٰذا هي ٻئي وقتَ نيڪ ڪمن ۾ گذاريو!

## صبح جو وقت ڪيئن گذاريو؟

ڪوشش ڪيو تہ نمازِ فجر جو وقت شروع ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ پهريان (يعني سحري جي وقت) اٿي وڃو، نمازِ تهجد ادا فرمايو. ذڪر و درود ۾ مصروف رهو، ان وقت درودِ پاڪ پڙهڻ، خاص طور اِسۡتِغفار (مثال طور اَسْتَغْفِرُ اللّٰه!) پڙهڻ جون تمام گهڻيون برڪتون آهن.

## روزي ۾ برڪت جو نسخو

هڪ صحابي (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه) حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ اللّٰه (صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! دنيا مون کان منهن ڦيري ورتو، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا اها تسبيح توکي ياد ناهي؟ جيڪا تسبيح ملائڪن جي آهي ۽ جنهن جي برڪت سان روزي ڏني ويندي آهي، خلقِ دنيا تو وٽ ذليل ۽ خوار ٿي ڪري ايندي، طلوعِ فجر جي وقت 100 ڀيرا پڙهندو ڪر سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمۡدِهٖ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ الۡعَظِيۡمِ وَ بِحَمۡدِهٖ اَسۡتَغۡفِرُاللّٰه ان صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي 7 ڏينهن گذريا هئا تہ خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيائين: يارسولَ اللّٰه(صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! دنيا موٽ وٽ ايتري ڪثرت سان آئي، مان حيران آهيان ڪٿان ڪٿان ۽ ڪٿي رکان!

لسان الميزان، حرف العين، جلد:4، صفحہ:304،حديث:5100، ملفوظات اعلیٰ حضرت، صفحہ:128۔

اللّٰه پاڪ نيڪ ماڻهن جو هي وصف بيان فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَ بِالۡاَسۡحَارِ هُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ ﴿۱۸﴾<br>(سيپارو: 26، سورة ذاريات: آيت: 18) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ رات جي آخري پهرن ۾ بخشش گهرندا هئا. |

اذانِ فجر جو جواب ڏيو! بهتر هي آهي تہ فجر جون سنّتون گهر ۾ ئي ادا ڪيو، نہ تہ مسجد جي طرف تشريف کڻي وڃو! مسجد ۾ ويندي ثواب جي نيّت سان مسلمان ڀائرن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا وڃو نمازِ فجر باجماعت ادا ڪيو الله پاڪ توفيق عطا فرمائي تہ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪيو پوءِ اوراد و وظائف پڙهي ونو پنهنجي پير صاحب جو ڏنل شجرو شريف پڙهو، تلاوت ڪيو، ديني ڪتاب (مثال طور فيضان سنّت، فيضانِ نماز، غيبت جون تباه ڪاريون وغيره) پڙهي ونو، مطلب تہ: اشراق ۽ چاشت جي وقت تائين ذڪر ۽ فڪر نيڪ ڪمن ۾ ئي مصروف رهو ايستائين جو نمازِ اشراق جو وقت ٿي وڃي تہ اشراق، چاشت جا نوافل پڙهي ڪري ئي گهر اچو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڏينهن جي شروعاتي وقت ۾ نيڪين جو انبار لڳي ويندو.

## اشراق ۽ چاشت

(1): سرورِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن نمازِ اشراق جي فضيلت بيان ڪندي فرمائن ٿا: جيڪو فجر جي نماز باجماعت ادا ڪري ذڪرُ الله ڪندو رهي ايستائين جو سج نڪري وڃي پوءِ 2 رڪعتون پڙهي تہ ان کي پوري حج ۽ عمري جو ثواب ملندو. ترمذی ، ابواب: السفر...الخ ،صفحہ: 171، حديث :586۔ (2): ابو دائود شريف جي روايت ۾ آهي: جيڪو شخص نمازِ فجر کان فارغ ٿيڻ کان بعد پنهنجي مصلي تي (يعني جتي نماز پڙهي اتي ئي) وينو رهي ايستائين جو اشراق جا نفل پڙهي وٺي صرف ڀلائي جي ڳالھ ڪري تہ ان جا گناه بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ کان بہ وڌيڪ هجن. ابوداود ، كتاب: الصلاة ، باب صلاة:الضحى ، صفحہ:211 ، حديث :1287۔ (3): هڪ حديث شريف ۾ فرمايو: جنهن چاشت جون 12 رڪعتون پڙهيون، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ سون جو مَحلُ ٺاهيندو.

ترمذی،کتاب :الوتر،باب :ماجاء فی صلاۃ الضحی،صفحہ:141،حديث:473۔

## ڪفن چور جي بخشش ڪيئن ٿي؟

هڪ ڏينهن خواجه غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه درس ڏيندي فرمايو: الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارن جو طريقو آهي ته صبح (يعني فجر) جي نماز ادا ڪري سج اڀرڻ تائين اتي ئي نماز پڙهڻ واري جڳهه تي ويٺا رهندا آهن، انهن جو مقصد هي هوندو آهي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ مقبول ٿي وڃون ۽ انهن تي هر وقت نور جي تجلي رهي، اهڙو شخص جڏهن صبح جي نماز ادا ڪري نماز پڙهڻ واري جڳهه تي ويٺو رهندو آهي ته فرشتي کي حڪم ٿيندو آهي ته جيستائين هي نه اٿي، ان وقت تائين ان وٽ وڃي ڪري ان جي بخشش گُهر.

پوءِ خواجه غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان بابت هڪ واقعو بيان ڪندي فرمايو: هڪ ڪفن چور 40 سالن تائين ڪفن چوري ڪندو رهيو، آخر جڏهن مُئو ته ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏٺو ته جنّت ۾ گهمي رهيو آهي، خواب ڏسڻ واري ان جو سبب پڇيو ته چيائين: منهنجي هڪ عادت هئي ته جڏهن مان صبح جي نماز ادا ڪري وٺندو هيس ته سج اڀرڻ تائين الله پاڪ جي ياد ۾ مشغول (*Busy*) رهندو هيس، پوءِ اشراق جي نماز ادا ڪندو هيس، الله پاڪ جو ته نهايت بخشڻ وارو آهي، جيئن ته الله پاڪ منهنجي ان هڪ عمل کي قبول فرمايو ۽ مون کي بخشي ڇڏيو. دليل العارفين، صفحه:8۔

میں پڑھتا رہوں سنّتیں وقت ہی پر
ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی!
وسائلِ بخشش، صفحه:102۔

اي عاشقانِ رسول! خواجه غريب نواز ڪهڙي پياري انداز ۾، حديثون ٻڌائي ڪري، واقعا ٻڌائي ڪري سنّتون ۽ آداب سيکاريندا هئا. الله پاڪ اسان کي خواجه غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ارشادات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## شام جو وقت ڪيئن گذاريون؟

ڪوشش فرمائي ڪري اَذانِ مغرب کان پهريان ئي مسجد ۾ تشريف ڪٽي اچو ۽ اعتڪاف جي نيّت سان مسجد ۾ ويهو، تلاوت، ذڪر ۽ درود ۽ آخرت جو فڪر وغيره نيڪ ڪمن ۾ مصروف رهو نمازِ مغرب باجماعت ادا فرمايو پوءِ نمازِ مغرب کان بعد جيڪو وقت آهي، اهو رات جو ابتدائي حصو آهي، اهو نهايت ئي بابرڪت، وڏي اهميت وارو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ (سيپارو: 21، سورة سجده: آيت: 16) | ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جا پاسا سندن سمهڻ جي جاين کان جُدا هوندا آهن. |

هن آيتِ ڪريمه ۾ ايمان وارن جو هڪ وصف (*Quality*) بيان ڪيو ويو آهي ته انهن جا پاسا انهن جي بسترن کان جُدا رهندا آهن. هڪ قول جي مطابق هن آيت ۾ مغرب ۽ عشاء جي درميان نماز پڙهڻ وارن جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. (احياء العلوم (مترجم)،جلد:1،صفحه:1014 ماخوذاً)

## اوّابين جي نماز جا فضائل

رسولِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: عَلَيْكُمْ بِالصَّلَاةِ فِيمَا بَيْنَ الْعِشَائَيْنِ يعني توهان تي مغرب ۽ عشاء جي وچ واري نماز پڙهڻ لازم آهي فَاِنَّهَا تَذْهَبُ بِمُلَاغَاةِ اَوَّلِ النَّهَارِ وَتَسُدُّنَّ آخِرَهٗ ڇوته هي ڏينهن جي فضوليات کي ڪٽي ويندي آهي ۽ ان جي آخر کي صاف ڪري ڇڏيندي آهي. (فردوس الاخبار ،جلد:3، صفحه:50،حديث:3844ـ) حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي ته پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو نمازِ مغرب کان بعد 6 رڪعتون هن طرح ادا ڪري جو انهن جي وچ ۾ ڪا بُري ڳالهه نه ڪري ته هي 6 رڪعتون 12 سال جي عبادت جي برابر هونديون. (ترمذی، کتاب السہو، باب ما جاء فی فضل التطوع، صفحه:131، حديث:435) حضرت ثوبان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان

مروي آهي تہ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو مغرب ۽ عشاء جي درميان مسجد ۾ ويٺو رهي، نماز ۽ قرآن کان علاوه ڪا ڳالھ نہ ڪري، تہ الله پاڪ جي ذمہ ڪرم تي حق آهي تہ ان جي لاءِ جنّت ۾ 2 محل ٺاهي ۽ هر محل (*Palace*) جي مسافت 100 سال هوندي.

قوت القلوب، الفصل الحادی عشر، جلد:1،صفحہ:58 ـ

هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مغرب ۽ عشاء جي وچ واري نماز، اوّابين (يعني تمام گهڻو توبه ڪرڻ وارن) جي نماز آهي.

(جمع الجوامع،جلد:7،صفحہ:47، حديث:20844 )

## (4): رات جو قيام لازمي ڪيو!

اي عاشقانِ رسول! اسان ڏينهن رات ڪيئن گذاريندا آهيون؟ ان بابت چوٿون مدني گل: هي آهي تہ رات جو سمهڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ اهڙو مقرر ڪيو، جنهن ۾ صرف عبادت ئي هجي ۽ ٻيو ڪو ڪم نہ ڪرڻو هجي. ڪوشش ڪيو ان هڪ ڪلاڪ ۾ پوري اهتمام سان عبادت ڪيو ممڪن هجي تہ هڪ جوڙو الڳ سان ان وقت جي لاءِ رکي ڇڏيو، نہ تہ صاف سترا ڪپڙا پهريو تازو وضو ڪيو خوشبو لڳايو ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ الله پاڪ جي عبادت ڪيو، توڙي نماز پڙهو، تلاوت ڪيو، درودِ پاڪ پڙهو، بلڪ بهتر هي آهي تہ ڪجھ عبادتون گڏ ڪيو مثال طور 15 منٽ نوافل پڙهو، 15 منٽ تلاوت ڪيو، 15 منٽ درودِ پاڪ پڙهو ۽ آخري 15 منٽ ڪو ديني ڪتاب پڙهو، هفتيوار رسالو مطالعي واري ديني ڪم تي عمل ڪيو، اميرِ اهل سنت، دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو نهايت پيارو رسالو: انمو هيرا جيڪو وقت جي اهميت جي باري ۾ آهي ان جو مطالعو ڪيو، ايئن اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سُستي (**Boredom**) بہ نہ ٿيندي، دل سان هڪ ڪلاڪ عبادت ۾ گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديؤ.

ان عبادت جو ثواب ڇا آهي؟ اچو! پڙهو!

## رات جي نماز جي فضائلن تي 3 حديثون

(1): حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مون کي ان شيءِ تي آگاهه فرمايو، جنهن کي اپنائي ڪري مان جنّت ماڻي سگهان. فرمايائون: ڪاڌو ڪارايو ۽ سلام عام ڪيو ۽ صلهٔ رحمي ڪيو ۽ رات ۾ جڏهن ماڻهو سُمهي رهيا هجن تہ (نفلي) نماز پڙهو، تون سلامتي سان جنّت ۾ داخل ٿي ويندي. (مُسنَدِ امام احمد،جلد:4،صفحہ:209، حديث:8152)

(2): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنّت ۾ اهڙا بالاخانا آهن جن جو ٻاهر اندر کان ۽ اندر ٻاهر کان ڏٺو ويندو آهي، هڪ اعرابي اٿي ڪري عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! هي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي ان جي لاءِ آهن، جيڪو نرم گفتگو (***Soft Conversation***) ڪري، ڪاڌو ڪارائي، لڳاتار روزا رکي ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي رهيا هجن تہ اٿي ڪري الله پاڪ جي لاءِ نماز پڙهي. (تِرمذی، کتاب: صفۃ الجنۃ ، باب: ماجاء فی صفۃ غرف الجنۃ ، صفحہ:597، حديث:2527ـ)

(3): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي فرمايو: جيڪڏهن تون سفر جو ارادو ڪرين تہ ان جي لاءِ ڪا تياري ڪندي؟ عرض ڪيائون: جي ها! فرمايائون: قيامت جي سفر جو ڇا حال آهي؟ اي ابوذر! ڇا مان توکي انهن شين جي باري ۾ نہ ٻڌايان جيڪي توکي ان ڏينهن نفعو پهچائينديون؟ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ضرور ٻڌايو. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قيامت جي ڏينهن جي لاءِ سخت گرمي جو روزو رکو، قبر جي دهشت جي لاءِ رات جي اونداهي ۾ 2 رڪعتون پڙهو، وڏن وڏن (پيش اچڻ وارن) ڪمن جي لاءِ حج ڪيو ۽ ڪنهن مسڪين کي

ڪا شيءِ ڏئي ڪري يا حق ڳالھ چئي ڪري يا ڪنهن بُري ڪلمي کان خاموش رھي ڪري صدقو ڪيو. موسوعہ امام ابن ابی الدنیا، التہجد وقیام اللیل،جلد:1 ،صفحہ:247 ،حدیث:10 ۔

## جهنّم کان نجات ملي وئي

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زماني ۾ هڪ شخص جو معمول هو تہ جڏهن ماٺهو سمهي رهندا هئا تہ هو نماز پڙهندو، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندو ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندو هو: يَا رَبَّ النَّارِ اَجِرْنِيْ مِنْهَا يعني اي باھ جا ربّ! مون کي ان کان نجات عطا فرماءِ. بارگاهِ رسالت ۾ ان شخص جو تذڪرو ڪيو ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن بيهر ايئن ٿئي تہ مون کي اطلاع ڏجو (بهرحال، جڏهن اطلاع ڏني ويو تہ) پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان وٽ تشريف کڻي آيا ۽ ان جي گفتگو کي ٻڌائون. جڏهن صبح ٿي تہ فرمايائون: اي فلاڻا! تون الله پاڪ کان جنّت جو سوال ڇونہ ڪيو؟ ان عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجو ايڏو مقام ڪٿي آهي ۽ نہ ئي منهنجا اعمال ان قابل آهن، توري ئي دير گذري هئي جو حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ان کي خبر ڏيو تہ الله پاڪ ان کي باھ کان نجات عطا فرمائي ڪري جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو آهي.

(احیاء العلوم،کتاب:ترتیب الاوراد ،باب:الثانی، جلد:1،صفحہ:469)

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی!
گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!

میں پڑھتا رہوں سنّتیں، وقت ہی پر
ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی!

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت
رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!

وسائلِ بخشش،صفحہ:102۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزانو ھي 4 ڪمَ بہ ڪيو!

حُجةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسلافِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم ھر روز 4 ڪم جمع ڪرڻ ڪي مستحب ڄاڻيندا ھئا: (1): روزو رکڻ (2): صدقو ڏيڻ توڙي جو ٿورو ئي ھجي (3): مريض جي عيادت ڪرڻ (4): جنازي ۾ حاضر ٿيڻ. ھنن چئن ڪمن جي باري ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: :مَنۡ جَمَعَ بَيۡنَ هٰذِهِ الۡاَرۡبَعِ فِيۡ يَوۡمٍ غُفِرَ لَهٗ يعني جنھن ھن 4 ڪمن کي ھڪ ڏينھن ۾ گڏ ڪيو تہ ان جي مغفرت ڪئي ويندي. احياء العلوم،كتاب:ترتيب الاوراد ،باب:الاول، جلد:1،صفحہ:460۔ ھڪ روايت آھي تہ جنّت ۾ داخل ٿيندو.

مسلم، کتاب :الزکاۃ، باب :من جمع الصدقۃ...الخ،صفحہ:369،حديث:1028 ۔

جيڪڏھن انھن مان ڪجھ شين جي ڪرڻ جو موقعو ملي ۽ ڪجھ کان عاجز اچي وڃي (جو ڪنھن سبب نہ ڪري سگھي) تہ ان کي ان جي نيّت جي اعتبار سان تمام عملن جو ثواب ملندو.

## نيڪ ماڻھن جو پسنديدہ عمل

اللہ پاڪ جا نيڪ ٻانھا ھي ناپسند ڪندا ھئا جو ڪو ڏينھن اھڙو گذري جنھن ۾ انھن صدقو نہ ڪيو ھجي چاھي ھڪ کُجور يا بصر يا مانيءَ جو ھڪ ٽڪرو ڇو نہ ھجي ڇوتہ رحمتِ عالَم نورِ مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: كُلُّ امۡرِئٍ فِيۡ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ حَتّٰى يُفۡصَلَ بَيۡنَ النَّاس يعني (قيامت جي ڏينھن) ٻانھو پنھنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ ھوندو ايستائين جو ماڻھن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي. مستدرک، كتاب الزكاة، كل امرئٍ فى ظل صدقة ،جلد:2،صفحہ:43،حديث:1557۔ ھڪ روايت ۾ آھي: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: فَاتَّقُوا النَّارَ وَلَوۡ بِشِقِّ تَمۡرَةٍ يعني (جھنّم جي) باھ کان بچو جيتوڻيڪ کُجور جي ھڪ ٽڪري جي ذريعي.

(مسلم، کتاب :الزکاۃ، باب: الحث علی الصدقۃ ، صفحہ:365،حديث:1016)

## هنن ڪمن جي بہ عادت بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ڏينهن رات جي ڪمن ۾ مدني چينل ڏسڻ پڻ شامل ڪيو! گهٽ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ 12 منٽ جو شيڊيول تہ لازمي بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! مدني چينل ڏسڻ سان ڪوڙ برڪتون ملنديون مثال طور ديني معلومات ۾ اضافو ٿيندو نماز، روزو، وضو، غُسل ۽ ٻيا فقهي مسائل سکڻ جي سعادت نصيب ٿيندي عمل جو جذبو نصيب ٿيندو تلاوت، حمد، مناجات، نعت ۽ منقبتون ٻڌڻ جي سعادت ملندي اهڙيءَ طرح نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ بہ هر مسلمان جي بنيادي ذميدارين مان آهي، لهذا نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ بہ وقت ڪڍو، ڪوشش ڪري روزانو گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪلاڪ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ ڏيڻ جو معمول بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڏينهن رات گذارڻ جو آسان شيڊيول عرض ڪيو ويو، ان جي مطابق اسان دنياوي مصروفيات کي نڀائيندي نهايت آساني سان نيڪين واري زندگي گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. الله پاڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪيون ڪندي سُني انداز ۾ رات ڏينهن گذارڻ جو هڪ بهترين نسخو عطا فرمايو آهي، جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال. اسلامي

ياڻرن جي لاءِ: 72 نيڪ اعمال. اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، اسڪولز، ڪالجز ۽ جامعةُ المدينہ جي طلباء جي لاءِ 92، طالبات جي لاءِ 83 ۽ مدرسةُ المدينہ جي ٻارن جي لاءِ 40، اهڙي طرح اسپيشل پرسنز (***Special Persons***) يعني گونگن (***Deaf***) ٻوڙن (***Dumb***) ۽ نابينا (***Blind***)) اسلامي ڀائرن جي لاءِ 27، قيدين جي لاءِ 52 نيڪ اعمال مُرتب فرمايا آهن. يہ مختصر رسالو مڪتبةُ المدينہ کان طلب ڪيو ۽ چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري ونو بلڪ وڌيڪ آساني چاهيو تا تہ پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amal*** ايپليڪيشن انسٽال ڪري ونو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو ونو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ڪرڻ جو ذهن ٺهجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٺرو، نکرجي، خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازو قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال جي رسالي جو تعارف (***Introduction***) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي

ڪري مون کي تمام گھڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اصلاحِ اُمّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت ڇا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گھر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آهسته آهسته پورو گھراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گھر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلز جي جڳھ مدني چينل هلڻ لڳو.

خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو — نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین
مدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل — نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین

وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن به جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعده (***Madani Qaida***) هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (***Audio***) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني

قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي وجي سگهجي ٿي. هي ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺندا، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪندا ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريندا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!      صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سنّت آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: (1): منهنجي امّت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآنِ آهي. ( شُعَبُ الْاِيْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004 ) (2): جيڪو رات جو 200 آيتون تلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو 400 آيتن جي تلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنطار اجر لکيو ويندو، هڪ قِنطار 120 قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط اُحد پهاڙ جيڏو آهي.

شُعَبُ الاِيمَان، جلد:2، صفحہ:401، حديث:2197۔

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سنّت آهي. اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآنِ پاڪ جي تلاوت فرمائيندا هئا حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْها فرمائن ٿيون: ڪا شيءِ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تلاوت کان نہ روڪيندي هئي پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوري سورة بقره ۽ سورة آلِ عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا روزانو رات جو سورة سجده، سورة مُلڪ، سورة بني اسرائيل، سورة زُمر، سورة ڪافرون، سورة فلق ۽ سورة الناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

الله پاڪ اسان کي بہ خوب تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الٰہی خوب دے شوقِ قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ته دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٴ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]… القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]… افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]… القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2] ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455